# سنڌي ٻوليءَ جي آئيندي تي سوچ ويچارَ ٽيڪنِ جي اولِڙائي

February 24, 2007 at 10:27 pm | In Sindhi, Language, Education, Poetry | No Comments | Edit this post



ڏهن ڏينهن کان بلاگ ڪونه لکيا اٿمِ. شمپين شهرَ ۾ برف ڪجهه ڳري آهي جو ٻڙي سيونياڱي درجنِ کان مٿي تپش ماپ ڏينهن جو ويندي رهي آهي پر رات جو يَخَ جمي جو ٻڙي کان وري تپش ماپ هيٺ ڪري.

بلاڳُ شروع ڪئي مهنو ٿيو هوُندو ۽ ڪي ٽِيهاڪو ٽِيڪا ماڻهنُ هيل تائين چڙيا آهِن جنِ مان سنڌي ٻوليءَ بابت ڪيترا آهن. تنهن ٽيڪا ٽِپٽيءَ تي پنهنجا ڪي سوچَ وِيچارَ ٻڌايان ٿو. هوُنئن لکندڙن جو مقصد ڇا هو ۽ منهنجي سمجهہَ سندن ٽيِڪنِ ڪي ڪينئن اولِڙايو اهو چئي تہ نہ ٿو سگهجي. ڪا ڳالهہ وِٽَس لڳيوَ تہ ٿوراٿتو ٿيندُمِ جي وڏيڪ ٽيِڪا ٽِپٽِي ڪندا.

ڪيترن لکندڙن منهنجي سنڌيءَ جي ساراهہَ ڪئي آهي. ستيتا اِها آهي جو منهنجي سنڌي گهٽا ورهيہ گهٽ ڪتب آڻڻ ڪري، ۽ سو بہ ٿورن مقصدن لاءِ، گهٽي ڍرِي ٿي ويئي آهي. بِلاگ لکڻ مهلَ جملي جملي تي واري واري سان لکڻ جي

روانيءَ ۾ بندش پوي جو سوچڻو پوي ٿو ته ڪهڙو لفظ يا جُزڪلامُ ڪتب آڻجي.
ڪيترائي ڀيرا لغتَ ڏسڻي پوندي اٿم. پر اِرادو اِهو ڪيو هوم ته سنڌيءَ جي سونهن
پنهنجي اڻڄاڻپڻي ۾ سُستيءَ ڪري نه ڏاهيان. تنهن ڪري اڙُدوءَ ۽ انگريزيءَ جا لفظ
لاهي پاهي ڪونه ڪتب آڻيندو آهيان. نه رڳو لفظ پر سنڌيَ وياڪرڻ ڏي پڻ ڌيان
ڌيان ٿو جو اڙدوءَ جو اثرُ انهيءَ سونهن کي پڻ ڏاهي ٿو.

سنڌيءَ ۾ ڪي اولائڪي لفظ اهڙا آهن جيڪي ڪيترنِ ماڻهنِ وِساري ڇڏيا آهن.
دنيا کي آڪاس نِروار وگياني سنڌين سيڪاري (انهي جي ڏس لاءِ ڏسندا هوُسٽن
واريون سلائيڊون منهنجي پراڻي بلاگ تي). هاڻي هَجوَ آميزِ ڳالهه ٿيندي جو انهيءَ
وِديا لاءِ وري ڏاريا لفظَ اَپڻائجنِ. ايئين ڏاريا لفظ ڪتب آڻڻ ٿيو نه رڳو ٻولي تِڳائِڻي
پرَ اسان جي تاريخ بـه تِڳائِڻ جو ڪار.

ڪيترا ڀيرا سنڌيءَ ۾ ڪِنِ نوَنِ شين لاءِ لفظ يا جز ڪلامَ ڪونه جوڙيا ويا آهن.
جيئين انسان جي ڄاڻ وڌندي ٿي رهي تيئين هرَ ٻوليءَ جو واڌارو لازم آهي نه ته
ٻولي آهستي آهستي پنهنجي سوُنهن وڃائي پوري ٿيندي ويندي. ٻولين کي جيئرو
رکڻ لاءِ اُنهن جو واڌارو درڪار آهي ته جيئنِ اِنهن جو لاڳاپو ڳالهه ٻولهه ۾ وديا جي
هر مَتَنَ لاءِ رهي. ڪيترن ٻولينَ لاءِ اختياريِ اِدارا آهن جيڪي سدائين نوان لفظَ

جوڙينِ يا انُهن جي استعمال کي کنهن شئي يا ڪمَ لاءِ ڄمائين. اهڙو ڪمُ لفظَ جي سيکيا سان لاڳاپيلَ ماهرن سان گڏجي ڪبو آهي. اهڙن اختيارين جي فهرست ڏسندا

[http://en.wikipedia.org/wiki/List_of_language_regulators](http://en.wikipedia.org/wiki/List_of_language_regulators)

انهيءَ پڙّهِ سنڌي ٻولي اختياري ٻہ وڏي اتِمِ پر مانکي خبر ناهي تہ انهي جو ڪمُ ڪينئين پيو هلي.



ڳالهہ جو مقصد تہ اهڙن اختيارينِ جا مثال ننڍن توڙي سنڌ جيترن وڏن ملڪن ۾ ملن. فرانسي ٻولي اختياري (فوٽون پيرسِ شهر ۾ اختياري امارت جي) جيڪا فرانس جي ڇهہ ڪِروڙَ فرانسي ڳالائيندڙن لاءِ. يهودي ٻولي اختياري جيڪا اسرائيلَ جي ڇڙن اڌ ڪروڙِ يهودي ڳالائيندڙن لاءِ. فرانسي ٻولي اختياري بابت وڪِي وِشوَڪوشُ (وڪيپيڊيا) ٻڌائي ٿي

*"As French culture has come under increasing pressure with the widespread availability of English media, the Académie has tried to prevent the anglicisation of the French language. For example, the Académie has recommended, with mixed success, that some loanwords from English (such as walkman and software) be avoided, in favor of words derived from French (baladeur and logiciel, respectively)."*

http://en.wikipedia.org/wiki/Acad%C3%A9mie_fran%C3%A7aise

توڙي سرڪاري ناٽي تي هلن، اهڙيون اختيارون اڳتي ڏسندڙِ قومن ۾ ٻولي جي ماهرن جو خود مختار ميڙُ هونديون آهن ۽ حڪومت جي صلاح رد ڪرڻ ڪان ڪينَ ڪيٻائينِ. مثال تور



*“ … in 1997, [French Prime Minister]Lionel Jospin’s government advocated using the feminine noun “la ministre” to refer to a female minister. The [French Language] Académie, however, insisted on the traditional usage of the masculine noun, “le ministre,” for a minister of either gender. Usage of either remains controversial — the controversy arises from the fact that the Académie’s opinion is based on grammatical and linguistical considerations, whereas the feminisation usage is based on ideological considerations.”*

اڳتي ماڻهون اختياري جو ڪو سِتيَلِ لفظ ڪتب آڻين نہ آڻين، اِهو تہ چئي نہ ٿو سگھجي. پر گھٽي پاڳي اهڙيون اختيارون ڪامياب ٿين ٿيون، جينئين اِهي لفظ

سِڪوُلنِ ۽ يونيورسٽينِ جي ڪتابن ۾ ڪتب اچن، اخبار نويس اِنهن کي ڏسن، وغيره.

هرَ ڪا ترقي ڪيل قومَ سنڌ کان گهٽيِ گهٽ آبادي هجينن يا وڌيڪ، پنهنجي ٻولي يونيورسٽي جي بيچلرَ (چار ورهيہ) تعليم پوري ٿيڻَ تائين هرَ سيکيا (فلسوفو وگيان، گڻت گيان، سياسي گيان، تاريخ، انجنري، وغيره) لاءِ ڪتب آڻين ٿيون، جيتوڻڪ گهڻا ڦولاري پرچا انگريزي ۾ لکڻا ۽ پڙهڻا پون جو ڪيترن سيکيائنُ ۾ انگريزي ڦولهاري مَخزنَ مياري آهن. چڱي طرح جاچبو تہ پڌرو ٿيندو تہ اِهو انهن جي ترقي جو هڪُ وڏو ڪارڻ پنهنجي ٻولي کي ٿڳائڻِ آهي.

- هڪُ تہ پنهنجي ٻولي ڪتب آڻڻ سان ٻارن کي سوالائي سان ڳالهہ سمجهہَ اچي.
- ٻيو انهي کان وڌيڪُ اِهو تہ ٻارَ وافي علم کي ڏاريوسمجهيِ پنهنجي گهٽتري جو احساسُ نہ سمجهنِ.

قومن جي ڪاميابي جو وڏو ڪارڻ غلامي جا خيال پاڻ کان پري رکڻ.

چوڙ گُمان گدائيِ والا، شَملا چا ٻَڌُ شاهي دا (سچل)

هر ڳالهہ تي ڇو ڇا ۾ ڪينئين ڪُڇڻ جي فطري عادتَ ٻارن ۾ ڏارڻ. ڪليل دماغ سان سوچڻ ۾ مٿو هلائڻ سان ساڃہ اچي . ٻارن کي ڪنهن ماهِر استاد يا ڪِتاب جي ڳالهہ تي ڳنڍ ٻڌڻ سان نہ پرَ غور سان انهيءَ تي سوچڻ ۾ دلائلن کي جاچڻ جي عادت پوڻ گهرجي. پنهنجي ٻولي هر ڪنهن لاءِ پنهنجو مٿو هلائڻ لاءِ سين ۾سٺي. هونئن هر اوهَدار جانور ۾ قدرتي سوُنجهِ سوُنجهِ رهي پرَ جڏهن ٻارَ ڏارين ٻوليون ۾ ڪيترين سيکيائون پڙهي ٿو ۽ اهي ڳالهيون ڏاريون سمجهي ٿو تہ ڪيسُ پاڻ تي وِشواسُ گهٽجي ۽ شخصيتِ هيِسجي وڃي. هانگ ڪانگَ ۾ تعليم جي ماهرن هڪ اپياسَ ۾ وگياني ماپَ ڪري اندازو لڳايو تہ انگريزي بدران سُوء ياشا (مادري زبان) ۾ سِکارڻ سان ننڍين ٻارن کي گڻت ڳياني ٽيهہ سيڪڙو وڌي توڙي هانگ ڪانگَ رياستَ جي سِڪوُلن ۾ پلي انگريزي پاڙهين ۾ اتان جي پڙهيل ماڻهن کي انگريزي چڱي اچي. ڏاريون ٻوليون، ڏاريا لفظ لاهي پاهي ڪتب آڻڻ بيڪ ڄمايل قومن جي دٻ دٻي هيٺ رهڻ، ۾ اهڙيءَ ريتَ پنهنجي ٻوليءَ ۾ اُن سان گڏ يَگانيت وڃائڻ جي راهَ ٽين.




هونئن سنڌي ٻولي ڪا اهڙي ڪُتل ڪانهي جو هرَ
شئي لاءِ اسان جا ڪيترائي ليکڪَ وڃيو
انگريزيءَ ۾ اڙدوءُ ڪان لفظ اوڌر وٺن. متان هوُ سوچن
ٿا تہ اينئين ڪرڻ سان سندن ڄاڻ جي هامَ ٿيندي!

لکڻ مهل جڏهن اهڙن شين ۾ ڳالهين جو ويچار اچي جنهن جي لاءِ سنڌيءَ ۾ لفظ يا جز ڪلامَ ڪونہ ٻڌل آهن تہ انهن شئين تي ويچار ڪندو آهيان ۽ سوچيندو آهيان ۽ تن لاءِ ڪهڙو لفظ يا جز ڪلام ڪتب آڻجي.

منهنجو مقصد ڪو هڪ ڄڻي جي پنهنجي سنڌي ٻولي اختياري ناهڻ ڪونهي. پر رڳو ايترو مقصد تہ پڙهندڙ کي تنهن شئي جي ڪا ٻيڻَ پوي. مثال تور "ايمپلِيٽودِ ماڊوليشن" (اي ايم) ريڊيو ۽ "فريڪنسي ماڊوليشن" (ايف ايم) ريڊيو بدران ڦرڪٽو آلاپٽو ريڊو ۽ ورڪراٽي رفتار آلاپٽو ريڊو ڪري لکيو هوم. اينئين لکڻ سان مقصد پڙهندڙ کي اها شئي ڪا ڏاري فارسي نہ لڳي پرَ اُنَ شئي جو ٿورو تصوُرُ ڏياري شئي بابت سندس سوُنجهِ سوُنجهِ وڌائڻ. (ڏنل سَروُپ مان ورڪٽي فرتار آلاپٽڻ جو ڊِنگ ڏيکاريل آهي. مٿيون ڦرڪٽو آواز مان رٽيل آهي جنهن کي وچين ڦرڪٽي سان جوڙي هينيون ڦرڪٽو سماچار ڪبو).

لکڻ کان پوءِ گھڻا ئي ڀيرا سوچيندو آهيان تہ ڪتب آندل لفظ کان ڪو سَگهَر لفظُ تہ نہ هيو. ڇا ورڪراٽي رفتار آلاپڻو ريڊيو بدران ورڪراٽي رفتار آلاپِ ريڊيو چئجي ها. اِتي مانکي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻَ ۾ ڪوتاهيون پڌري ٿئڻ ٿيون.

وقت جي تنگي ڏيان ۾ رکندي، سٺن اٺن ڪلاڪن کان گهٽ وقت ۾ هڪُ ٻِلاگُ پورو ڪرڻ جو اِرادو هوُندو اٿم. پنهنجي ڀٿا شڪتيِ سان جيڪو هن وقت اندرَ سوچي سگهندو آهيان سو لکان ٿو. اُميد ٿم تہ اِهو اڳتي ٻيا اڇا سنواريندا. پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو ٿمِ تہ لکيل لفظ کان ڪو ٻيو لفظ پورو پورو ٻيهندو. مثال تور لکيم آوازي ايڪن. اِهو ٻولي وگيانن جو ٽيڪنيڪيِ جز ڪلام ڪنهن ٻوليءَ ڳالهائڻ جي ننڍي ۾ ننڍي آوازِ ڀاڱي لاءِ ڪتبُ اچي. ٻين ٻين ٻولين ۾ اهڙا ايڪنَ ٻيا ٻيا هوُندا آهن. مثالَ تور انگريزي ۾ پ ۽ ڦ ڌار آوازي ايڪنَ ناهن. ’ڀي‘ اکر جو اُچار سنڌي پ کان وڌيڪ ڦ سان ملي تنهن ڪري جڏهن سنڌي ڳالهائيندڙَ هتي آمريڪا ۾ ”ڀي“ چون تہ ماڻهون وري گهڻوتر ”ٻيِ“ٻڌنِ!

خيرُ، سو ڳالهہَ پي ڪيمِ. انهي ٽيڪنيڪي لفظ کي ”فونيم“ بدران آوازي ايڪن لکڻ سان مطلب وڌيڪ پڌرو ٿيو. پرَ ڇا اِهو لفظ پورو پورو آهي؟ آوازُ وڻَ ڪِرڻ، تہ هوا ۾ شاخ لڏڻ جو بہ ٿئي، ۽ انسانَ جي ڳالهائڻَ جو پڻ. جڏهن ٻولي وگيان بدران

مادي وگيان ”فزڪس“ جيِ شاخَ آوازي وگيان جي متن جي ڳالھ ڪبي تہ اھو لفظ ڪنھن ٻيءَ معنا سان ڪتب اچي ٿو سگھي. تنھن ڪري ٿي ٿو سگھي تہ ”واٽيِ ايڪن“ يا ”آلائو ايڪن“ ڪتب آڻجي ھا.

پرَ اھا ڳالھ بہ پڌري تہ اھڙن ٽيڪنيڪيِ لفظن لاءِ ضروري آھي تہ ڪو لفظ ٻڌجي ۽ ھرَ ھنڌ ساڳيو ڪتب اچي. اينئين ڪرڻ سان ئي وگياني تعليم ۾ ٿولا لاءِ سنڌي ڪتب آٽي سگھجي ٿي.

## سنڌي اخبارون

ادِي ياسمين صلاح ڏني تہ بلاگ ۾ جيڪو ڪجھ لکان سو ڪنھن سنڌي اخبار ۾ ڇاپاريان تہ جينئين وڌيڪ ماڻھوڻ پڙھي سگھن. ھوُنئن سنڌي اخبار ۾ ڇپڻ جو فائدو اھو بہ ٿيندو جو منھنجي سنڌي جھڙي تھڙي ھوندي بہ انھن اخبارن ۾ ڪجھ سنڌي وڌيڪَ ڪتب ايندي. الائجي سنڌي اخبارُن ۾ ڪھڙي جڏي ٻولي ۾ ٿا لکن. ھزار انگريزي اڙدوُ جا لفظ پريل. وري ويارڪرڻ بہ ڏاري. ”پليجو لاڙڪاڻو ويو.“ سائين پليجي ڪي ڏٽيِ وڏي حياتي ڏي, پرَ لاڙڪاڻو ڪاڏي ويو؟ متان چوڻ جو مقصد ھجينِ تہ ھاڻ لاڙڪاڻو بہ ويو؟ اڳي ئيِ سين ڪي خبرَ آھي تہ سنڌينِ ھٽان ڪراچي تہ ويئي, ھاڻِ لاڙڪاڻو بہ؟ اڳتي پڙھي پِروڙَيوي تہ سائين پليجو لاڙڪاڻي

ڏانهن ويو آهي ... تيسين تہ هيان سازي وجهن! ٺهيو مسخري پنهنجي جاءِ، مانکي اخبار وارن سان ڪو اهڙو رابطو ڪونهي، جي ڪجهہ ڇاپڻ چاهين تہ اکين تي.

## ليارَ ۾ پيروُن

منهنجي بلاگ مٿان هِڪُ فوٽوُن سِنڌُو ٻوُلڻَ جو آهي جو اهڙو يگانو ٻولڻ (انگريزيءَ ۾ ڊالفِن) جو قسم آهي جو سمنڊَ بدران نديءَ جو رهاڪوُ ٿئي. سنڌ ۾ قسمين قسمين يگانا جانورَ ميوا، ترڪاريوُن، ٻوُٽا، گُلَ، وڻَ ٽِڻَ آهن جيڪي ٻي هندُ ڪاٿي نہ مِلن. ڪيترَنِ جا نالا تہ پري پر انهِن جي ڪيترن سنڌين کي ڄاڻَ ئِي ڪانهي. مان بہ اهڙن نِراس سنڌين مان آهيان جو جواني ۾ ڏيهہ کان پري رهڻ تي ويو ۽ ٻين ٻين هَندن جون سنڌي شيون پسڻ نہ نصيب ٿيون.

لِيارَ ۾ پيروُن اهڙن ٻن ميون جا قسم آهن جي مان ننڍو ٻانيان تہ مان ڪڏهن چشڪيا هوندا. ڪنهن شاعرَ، جنهن جو تخلصُ "ميرُ" آهي، پنهنجي ڪافِي ۾ لکيو "جتي ليارَ پيروُن پٽن تي پچن ٿا." مان محمدَ يوسفَ کي اِها ڪافِي ڳائيندي ڪسيٽَ ٻڌي پر ليارَ ۾ پيروُن ڪونہ سڃاتمِ. ڪنهن کان پڇيم تہ اهي وري ڇا ٿيندا آهن تہ چيائين "ڪي ليار جا ٻيرَ هوندا ! ڪنهن ٻي لهجي ۾ ڳاتو اٿئين." مان بہ سوچيو سو هوُندو ايئين. سائين امين خاشخيلِيءَ اها ڳُڪَ دُرست

پنهنجي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي ڪئي. پوءِ مشهور حيدرآبادي سنڌي ليکڪ پوپٽي هيرانندڻي جي ڪتابَ ۾ ڏٺم تہ هوءَ پڻ ليار ۾ پيرُون پئي ياد ڪري. الائي ايهي ڪاڻ ڪڏهن نصيبن ۾ هونديون، حالي رڳو حِرص ئي رهندي.

## سُڌ سماءُ

هڪ هنڌ لفظ سماچار ڪتب آندو هومِ. مان واري يونيورسٽيءَ ۾ سماچار جو وديالہ آهي جنهن ۾ اخبار نويسي، ٽي وي، اِشتهارَ وغيره جي سِکيا ملي ۽ تن متَنَنِ تي ايياس ۾ قولها ٽي. ادي ڊاڪٽرَ نظيرَ انصاريءَ پڇيو تہ اهو ڇا سنسڪرت جو لفظ آهي. هونئن سنسڪرت جن پراڪرَتن مان نهي تِن ۾ اولائڪي سنڌي بہ هڪَ ياشا هئي. نہ رڳو ٻنهِي جون جڙوُن ساڳيون، پر ٻوليدان مجندا آهن تہ سنڌي وياڪرڻ جي ڍنگَ جي سنسڪرت سان هِندَ جي ننڍي کنڊ جي هرَ ٻوليءَ کان وڌيڪ هڪجهڙائي آهي. هوُنئن سماءُ لفظ سنڌيءَ ۾ عام آهي. سائين سچلُ چي

تون آءُ ڙي قاصد آءُ، ميان،
ڪا خبر ڏيهوَن کِيئن جيِ! -

پرين سندي پار جو ڪولهي اَج سماءُ، ميان.

منهنجو ٿئي هِت ڪينڪي، ٻاجهوَن هوت هلاءُ، ميان.

ملڻ ٻاجھون دوست جي، ڪندو ورھ وڏاءُ، ميان.

“سچو” سمجھين ڪينڪي، اھو اَٿئي ڪو لقاءُ، ميان.

.

(لقاءُ معنا دِيدارُ. ڪِيئن معنا خوشِي).

وري جڏھن ھِن اوطاق تي ويرا ڳِي لقاءَ ٿئي.